SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريہ 1981
SINDH ORDINANCE NO. VIII OF 1981
سنڌ مڪاني حڪومت (ٽئين ترميم) آرڊيننس، 1981
THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ORDINANCE, 1981

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title, and Commencement

2. سنڌ آرڊيننس VIII مجريہ 1979 جي دفعہ 37 ۾ ترميم.
Amendment of section 37 of Sindh Ordinance VIII of 1979.

سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريه 1981
SINDH ORDINANCE NO. VIII OF 1981
سنڌ مڪاني حڪومت (ٽئين ترميم) آرڊيننس، 1981
THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ORDINANCE, 1981

[12 اپريل 1981]

آرڊيننس جنهن سان سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

هن آرڊيننس جي ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جنهن ڪي هيٺين طريقي سان تبديل ڪيو ويندو.

ان ڪري هاڻي 5 جولائي 1977 جي اعلان ۽ 1977 جي حڪم برائي قانون (نفاذ ۽ تسلسل) 1977 جي تعميل ۾ سنڌ جو گورنر خوشيءَ سان هن آرڊيننس کي ٺاهي نافذ فرمائي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title, and Commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت (ٽئين ترميم) آرڊيننس، 1981 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ العمل ڪيو ويندو.

سنڌ آرڊيننس VIII مجريه 1979 جي دفعه 37 ۾ ترميم.
Amendment of section 37 of Sindh Ordinance VIII of 1979

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس 1979 جي دفعه 37 جي ذيلي دفعه (2) ۾ شق (f) کانپوءِ هيٺيون واڌارو ٿيندو.

”(g) اهو ڪنهن اهڙي گروپ يا تنظيم جو ميمبر آهي يا ڪنهن به طريقي سان ان سان لاڳاپيل آهي، جيڪو هن جي چونڊ کان پهريان يا بعد ۾ ٺاهي وئي آهي، ۽ اهو گروپ يا تنظيم جي سرگرمين جي حوالي سان ڪائونسل جي سرگرمين سان مشهابت رکي ٿو ۽ اهو ميمبر ڪائونسل ۾ مخالف ڌر اڳواڻ هئڻ جو بانور ڪرائي ٿو.“

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.